ساليانو امتحان | سنڌي نصاب | 2015-2016

حصو الف (گهڻ چونڊائتي سوال)

سوال1. هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو.

1. تمدن جي ماهيت سبق جو ليکڪ ڪير آهي؟
(الف) ڪريم بخش ڇنا (ب) حڪيم فتح محمد سيوهاڻي
(ج) رشيد ڀٽي (د) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

2. اسم جا ڪيترا قسم آهن؟
(الف) چار (ب) ست (ج) ٽي (د) انهن مان ڪو به نه

3. شاهه عبدالڪريم جي زندگيءَ جو احوال ۽ شاعري ڪهڙي ڪتاب ۾ ملي ٿي؟
(الف) منهاج العاشقين (ب) بيان العارفين (ج) راحت المومنين (د) انهن مان ڪو به نه

4. سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون اصلو ناول ڪهڙو آهي.
(الف) نورجهان (ب) دلآرام (ج) زينت (د) راسيلاس

5. موجوده سنڌي ٻوليءَ جو رسم الخط ڪهڙي دور ۾ جوڙيو ويو؟
(الف) انگريزن جو دور (ب) سومرن جو دور (ج) ڪلهوڙن جو دور (د) سمن جو دور

6. صفت جا ڪيترا درجا آهن؟
(الف) هڪ (ب) چار (ج) ٽي (د) انهن مان ڪو به نه

7. ناول " جهان آرا" ڪنهن جو لکيل آهي؟
(الف) ڊاڪٽر گربخشاڻي (ب) عبدالرزاق عبدالسلام (ج) مرزا قليچ بيگ (د) انهن مان ڪو به نه

8. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو مقبرو ڪنهن جوڙيو؟
(الف) غلام شاهه ڪلهوڙي (ب) شاهه ڪريم (ج) مير عبدالحسين سانگي (د) حمل فقير

9. سبق " دنيا جو وڏي ۾ وڏو فقير" ڪنهن جو لکيل آهي
(الف) علامه آءِ آءِ قاضي (ب) ڊاڪٽر گربخشاڻي (ج) علامه دائود پوٽو (د) ڪريم بخش ڇنا

10. غزل ڪهڙي ٻوليءَ جو لفظ آهي؟
(الف) انگريزي (ب) فارسي (ج) سنڌي (د) عربي

11. ظرف جا ڪيترا قسم آهن؟
(الف) ٽي (ب) ست (ج) ڇهه (د) انهن مان ڪو به نه

12. سچل سرمست ڪهڙي دور جو شاعر آهي.
(الف) ڪلهوڙا دور (ب) سومرا دور (ج) ٽالپر دور (د) انگريز دور

13. شاهه جو رسالي " سر ڪنڀات" ۾ ڪنهن جو ذڪر آهي؟
(الف) چنڊ جو (ب) سسئي جو (ج) موڙو مير بحر جو (د) انهن مان ڪو به نه

14. سانوڻ فقير لوڪ ادب جي ڪهڙي صنف ۾ شاعري ڪئي؟
(الف) غزل (ب) نثري نظم (ج) لوڙائو بيت (د) انهن مان ڪو به نه

15. مير عبدالحسين سانگي ڪٿي ڄائو؟
(الف) [illegible] (ب) ڪلڪتو (ج) حيدرآباد (د) ڀٽ شاهه

16. سنڌي ٻولي ۾ قرآن شريف جو پهريون ترجمو ڪنهن ڪيو؟
(الف) آخوند عزيز الله (ب) آخوند نور محمد (ج) حڪيم فتح محمد (د) انهن مان ڪو به نه

حصو ب (مختصر جواب جا سوال)

نوٽ: هيٺين سوالن مان ڪن به 10 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 05 مارڪون رکيل آهن.

سوال2. شاهه جي شاعري ٻين رواجي شاعرن کان ڪهڙي طرح منفرد ۽ مٿانهين آهي؟

سوال3. اسم ذات جي وصف لکو مثال ڏيو

سوال4. ڪنهن ٻي قوم جو محڪوم هجڻ جا ڪهڙا نقصان آهن؟

سوال5. هر سال پورهيتن جو عالمي ڏينهن ڇو ملهايو ويندو آهي؟

سوال6. تجنيس حرفي جا ڪي چئبو آهي؟ مثالن سان سمجهايو.

سوال7. هيٺين اصطلاحن جي معني لکو.

چوهه چنڊڻ هٿ ڏگهيرڻ ڪڪر ۾ گوڙ هڻ کان ڪيڄ ڏندين آڱريون اچڻ

سوال8. ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي جي راءِ مطابق سنڌي شاعري جي شروعات ڪڏهن کان ٿي؟

سوال9. زندگيءَ ۾ مقصد مقرر ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟

سوال10. خيرات ڏيڻ لاءِ بزرگ، ڪهڙي نصيحت ڪئي؟

سوال11. هيٺين لفظن جا اشتقاق لکو.

ابوجهه انصاف تندرست پرهيز گار جستجو

سوال12. تهذيب ۽ تمدن ۾ ڇا فرق آهي؟

سوال13. استعارو ۽ تشبيهه ۾ فرق بيان ڪريو.

سوال14. سچي انسان ذات صحيح معني ۾ اشرف المخلوقات ڪڏهن ٿيندي؟

حصو ج (تفصيلي جواب جا سوال)

نوٽ: هيٺين مان ڪن به ٽن سوالن جا جواب ڏيو. هر هڪ سوال تي 10 مارڪون رکيل آهن.

سوال15. مضمون لکو. سنڌ جي ثقافت_ امن جي اهميت_ وطن جي حب

سوال16. هيٺين مان ڪن به ٻن شعرن جي سمجهاڻي لکو.

(الف) ٿيا افسوس! بيقدر، ايماندار ٿا قدر وارا شرير ۽ مڪار
(ب) واڻي وسائيج درد منديءَ جو ديس پرين ون پرديس، اٿي اينڌم اوڏڙا!
(ج) پرين جي پچار ۾، اچي جن آرام دنيا ٽن ڪي دام، پڇمن موسم موٽ جي

سوال17. " جهان آرا" ناول تي تنقيدي نوٽ لکو.

سوال18. ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ڪهڙي ترقي ڪئي؟ ان دور کي سونهري دور ڇو چيو وڃي ٿو؟

سوال19. ڪنهن به هڪ سبق جو خلاصو لکو.
(الف) ڪامياب زندگيءَ جو ڪارگر قاعدو (ب) مصطفي جي الوداعي نصيحت

eduvision.edu.pk